# مهراڻ

٢ / ١٩٨٦ع

عالمي امن سال-١٩٨٦ع




سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو / حيدرآباد سنڌ

بسم الله الرحمن الرحيم

قرآن ڪريم جون مقدس آيتون ۽ نبي ڪريم جون حديثون
توهان جي ديني معلومات ۾ اضافي ۽ تبليغ لاءِ شايع ڪيون وڃن
ٿيون. انهن جو احترام توهان جو فرض آهي. ان ڪري جن
صفحن تي اهي آيتون هجن، تن کي صحيح اسلامي طريقي
مطابق بيحرمتي کان محفوظ رکيو وڃي.

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ۳۵] [نمبر۲

اپريل، مئي ۽ جون

۱۹۸۶ع

---

نگران

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

ايڊيٽر

نفيس احمد شيخ

سنڌي ادبي بورڊ

جامشورو / حيدرآباد سنڌ

# مـهـراڻ

سنڌي ادبــي بــورڊ
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

The "MEHRAN", Quarterly
Vol: 35, No: 2, 1986.
[Established in 1955]


- An age old leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan.
- Published by SINDHI ADABI BOARD for the development and promotion of Sindhi language and literature.
- Contemporary Creative literature, History, Civilization, Lexicography, Education, Music, Folklore, Archaeology and General Culture of Sind are the main topics of material usually published in this periodical.
- Besides translations of world literature are also presented.
- All correspondence about publication be addressed to:
  Nafees Ahmad Shaikh
  Editor 'Mehran', Quarterly,
  Sindhi Adabi Board's Printing Press,
  Tilak Incline, Hyderabad, Sind, Pakistan.
  (Telephone No: 24264)
- Can be had from:
  (1) Manager Book stall
  Sindhi Adabi Board, Station Road, Jamshoro, Sind.
  (2) Incharge Book-Shop
  Sindhi Adabi Board BookStall, Tilak Incline, Hyderabad.

خريداريءَ لاءِ خط و ڪتابت

(١) مئنيجر بوڪ اسٽال
سنڌي ادبي بورڊ اسٽيشن روڊ، ڄامشورو
(٢) انچارج بوڪ شاپ
سنڌي ادبي بورڊ بوڪ اسٽال، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

ساليانو چلدو: ٧٥-٠٠ رپيا — في ڪاپي: ٢٠-٠٠ رپيا

Printed & Published by Mr. Ghulam Rabbani A. Agro
at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Tilak Incline, Hyderabad, Sind.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# فهرست

## (الف) شاعريءَ جو ڀاڱو


| | |
|---|---|
| نعت شريف (سوز هالائي) | ۱۰ |
| نياز همايوني | ۱۱ |
| ذوالفقار راشدي | ۱۲ |
| بشير موريائي | ۱۳ |
| سدارنگاڻي خادم | ۱۴ |
| سليم ڳاڙهوي | ۱۵ |
| عبدالقيوم صائب | ۱۶ |
| مظفر حسين جوش | ۱۷ |
| محمد علي جوهر / نوازعلي شوق | ۱۸ |
| عنايت بلوچ | ۱۹ |
| استاد بخاري / محسن ڪڪڙائي | ۲۰ |
| احمد خان آصف | ۲۱ |
| رحيم بخش قمر | ۲۲ |
| آثم ناٿن شاهي | ۲۳ |
| سروپچند ر شاد / نثار بزمي | ۲۴ |
| ولي محمد وفا / درمحمد پنال / بشيراحمد شاد | ۲۵ |
| سيرل فقير جويو / انيس انصاري | ۲۶ |
| احمد خان مدهوش | ۲۷ |
| نشتر ناٿن شاهي / خاڪي جويو | ۲۸ |
| تاج جويو | ۲۹ |
| اياز گل / مختيار ملڪ / يوسف شاهين | ۳۰ |
| ذوالفقار سيال / مدد علي سنڌي | ۳۱ |
| بشيا ولي | ۳۲ |
| زوار جهانيه | ۳۳ |
| امداد چانڊيو / منير سولنگي | ۳۴ |
| شفيع چانڊيو / وسيم | ۳۵ |
| الطاف اثيم / انظام زائر / محمد شريف طالب | ۳۶ |
| مير غلام الله خان ٽالپر | ۳۷ |
| مخدوم جميل الزمان / پريتمداس پياسي | ۳۸ |

## (ب) مقالا


| | | |
|---|---|---|
| ۱. قديم دؤر ۾ سنڌ ۾ آيل عالم ۽ مذهبي پيشوا | ـــ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | ۴۱ |
| ۲. پنهور جو اسلامي طرز وارو شيشي جو سامان | ـــ ڊاڪٽر محمد رفيق مغل (مترجم: فضل احمد بچاڻي) | ٦۲ |
| ۳. تحقيق جو فن | ـــ قريشي حامد علي خاناڻي | ٦٨ |
| ۴. سمن جي دؤر جو سياسي، سماجي ۽ اقتصادي تجزيو | ـــ عبدالله خان مگسي | ٨٠ |
| ۵. عمرڪوٽ: چند تاريخي مسئلا | ـــ غلام محمد لاکو | ٩٨ |
| ٦. سيوهڻ مان لڌل سڪا | ـــ عبدالله ورياهه | ۱۱۳ |
| ۷. دارون هن دپواني جو (اپياس) | ـــ عبدالقيوم 'صائب' | ۱۲۵ |
| ٨. ٽي. ايس. ايليٽ (هڪ مطالعو) | ـــ بدرالدين آچڻ | ۱۳۳ |


## (ج) ڪهاڻيون


| | | |
|---|---|---|
| ۱. ڪنهن تان ڪنوڪ ٿئي | ـــ حميد سنڌي | ۱۴۱ |
| ۲. نوڙ ۽ جوڙ | ـــ نجم عباسي | ۱۴۷ |
| ۳. گرمي ۽ گل مهر | ـــ قاضي خادم | ۱٥۱ |
| ۴. رومال (جاپاني ڪهاڻي) | ـــ ريوني سوڪي اڪوتا گاوا (مترجم: ولي رام ولڀ) | ۱٥٨ |
| ٥. ادبي خط | ـــ امر جليل | ۱٦٦ |
| ٦. پوري چوڪري حق جي ڳولا ۾ (تبصرو / تعارف) | ـــ حيدر علي لغاري | ۱۷۰ |

## سرورق

ڪوٽ ڏيجيءَ جو قلعو، خيرپور ميرس شهر کان ويهه ڪلوميٽر جي مفاصلي تي، ڏکڻ طرف، ڪراچي-پشاور قومي شاهراهه لڳ، هڪ ننڍڙي ٽڪريءَ تي جُڙيل آهي. هن قلعي جي ڊيگهه پنج هزار فوٽ، ويڪر ٽي هزار فوٽ ۽ اوچائي سٺ فوٽ آهي. سنهين پڪين سِرن مان جُڙيل هي قلعو سابق خيرپور رياست جي پهرين حڪمران مير سهراب خان ولد مير چاڪر خان سن ۱۷۹۷ع ۾ تعمير ڪرايو، جنهن جي نگراني سندس وزير تعميرات سرائي محمد صالح زهري بلوچ جي سُپرد هئي. هي قلعو ”قلعه احمدآباد“ پڻ سڏيو ويو آهي.

اهم دفاعي ۽ رهائشي مقصدن لاءِ جوڙايل هن قلعي ۾ هڪ ’نواب‘ جي نگراني هيٺ پنج سؤ سپاهين جو دستو، سؤ توبن سميت مقرر ڪيو ويو ۽ اهو سلسلو ۱۸۴۳ع تائين جاري رهيو. بعد جي حڪمران، مير علي مراد خان، قلعي کي جيل خاني ۾ تبديل ڪيو، جيڪو پنهنجي دؤر ۾ هڪ ”بدترين قيدخاني“ جي صورت ۾ مشهور ٿيو.

ڪوٽ ڏيجيءَ جو هي قلعو، سنڌ جو هڪ اهم قديم آثار آهي، جنهن جي مناسب نگهداشت جي وڏي ضرورت آهي.

— فوٽوگرافي: بابر سومرو
(بشڪريه: سانگهڙ هسٽاريڪل سوسائٽي، ٽنڊوآدم)
[سرورق ڇپائي: انجم آرٽ پريس، حيدرآباد سنڌ.]

قِفَانَبْكِ مِنْ ذِكْرِيٰ حَبِيْبِ وَ مَنْزِلِ
بِسِقْطِ اَللِّوَيٰ بَيْنَ الدَّخُوْلِ فَحَوْمَلِ
فَتَوضِحَ فَالْمِقْرَاة لَمْ يَعْفَ رَسْمَهَا
لِمَا نَسَجَتْهَا مِنْ جُنُوبِ وَّ شَمْالِ

- اي سائيو! گهڙي ڪن بيهو! اسهيل يار جي ياد ۾، انهن وٿاڻن ۾ ماڪن مٿان اچي ٻه ڳوڙها ڳاڙي وٺان!
- دوستو! ترسو! اچ دخول، حومل، توضح ۽ مقراة جي وارياسي کي، اکين جي آب سان ريجي وٺان!
- ذکڻ ۽ اتر جي هوائن، انهن دونهن ۽ جهوڪن جا انگ ۽ آثار، اڃا ڪونه ميٽيا آهن!
- اڃا وقت جي وٽي، منهنجي دل سان ٻن انهن جو ڪاڏو ڪيڏي ڪونه سگهي آهي!

(آزاد ترجمو)

# شاعري جو پاڳو

ڪُنڪُن ڪانڌ چيت ڪئو، جهڙُو پَسو جهڄن،
وَر ريءَ وانڍين اڏنا، پـکا سي مَ پَسن،
آتر ڏاهي ان جا تہ ڪنهن کي ڪارُون ڪن،
وارث وري تَـن، اڃي شال اولو ڪري.

— شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحہ

# نعت شريف

نعت مرسل جي لکڻ، ٿو چاهيان،
شرف لفظن کي ڏيڻ، ٿو چاهيان.

سير جنت جو ڪرڻ، ٿو چاهيان، روح کي تسڪين ڏيڻ، ٿو چاهيان.
روشنيءَ جو ٿئو جتان جاري سفر، مان اها ڌرتي چمڻ، ٿو چاهيان.
مان مصوّر ناهيان، پر نعت ۾، رنگ اندلث جا چنڻ، ٿو چاهيان.
هر حسين منظر مديني پار جو، دل-دريچن مان ڏسڻ، ٿو چاهيان.
خوبصورت شاهراهن تي هلي، شهر مرسل جو گهمڻ، ٿو چاهيان.
ڪئن ڪبوتر ٿا اڏن روضي اڳيان، ايءُ هوائن کان پڇڻ، ٿو چاهيان.
او! مديني جون هوائون ترسجو! مان اوهان سان گڏ هلڻ، ٿو چاهيان.
با ادب، خدمت رسول الله ۾، روبرو حاضر ٿيڻ، ٿو چاهيان.
سبز گنبذ جي ڪليل ايوان ۾، شڪر جا سجدا ڏيڻ، ٿو چاهيان.
ڪوڙ صلواتون نبيءَ جي نانءَ تي، چانءَ ۾ ويهي پڙهڻ، ٿو چاهيان.
آرزو جي آج آجهائڻ واسطي، آبِ زمزم جو پيئڻ، ٿو چاهيان.
نُور جو نڪري پوڻ ۽ ڦهلجڻ، پنهنجي نيڻن سان پسڻ، ٿو چاهيان.
حسرتن جي ذوق ۽ تڪميل لئه، هٿ دعائن جا کڻڻ، ٿو چاهيان.
مان کهڻي صحرا ۾ ڀٽڪيو آهيان، هاڻ گلشن ڏي وڃڻ، ٿو چاهيان.
گل عقيدت جا کڻي گلدان ۾، "سوز" نذرانو ڏيڻ، ٿو چاهيان.

- "سوز" هالائي

## نياز همايوني

# غــزل

اسان جو عشق جي سُوريءَ سان سازگار ٿئي،
مجال ناهه جو ڪٿ حسن داغدار ٿئي.

اوهان جا خواب لهون ٿا اوهان کي ياد ڪري،
اوهان جي دَم سان حياتي ٿي خوشگوار ٿئي.

تپش ۾ آئي ٿو تن مَن جڏهن اوهان جو غم،
اوهان جو پيار ڪڪر جان ٿو سايدار ٿئي.

رقيب رشڪ ۾ آهي اسان جي رنديءَ تي،
حسد ۾ هوش هٽي ٿو خراب خوار ٿئي.

اوهان جي ديد جا مشتاق اسان هيتي هتردم،
هتي اوهان کي اسان جي ٿي سار يار ٿئي.

اوهان جو زخم ڏنو سو ڇُٽي نه شال ڪڏهن،
اوهان جي لطف مان ڪا شيءِ ته يادگار ٿئي.

پتلي ته درد ڏکي آڇني سوت جي منهن ۾،
پلي ته عشق جو انجام شاندار ٿئي.

قرار موت ٿو بجي پوي تڏهن او "نياز"،
هي دل حياتي جي حق ۾ ٿي بيقرار ٿئي.

ذوالفقار راشدي

## غزل

راز دل جو تہ ڏيو، خوارُ ٿيو، ڇا ملندو،
جنهن سان احوال ڪيو، سو بہ اسان تي کلندو.

سات نسنديءَ جو بہ نيهہ نہ رهيو اوجهڙ ۾،
جيڪو آڌ وات تي گذبو سو ڪٿي گڏ هلندو.

وقت ويساهہ جي گردن تي رکي آ ڪاتي،
ڪوئي ماڻهو نہ هيٺر سور ڪنهن سان سلندو.

رات هر روز کان پوءِ روز تہ ايندي آ مگر،
چنڊ اُپريو سو لٿو هاڻي نہ پيهر ڪِڙندو.

تهڪ جيڪي بہ هئا خواب کي بخشيو پنهنجا،
اڄ سڄاڳيءَ ۾ اجايو تہ ڇريو ڪو کِلندو.

ڪنهن پرائي کي ڇون پنهنجو تہ سولو آهي،
پَرَ پرائو تہ پرائو هو، پرائو رهندو.

ياد کڙڪائيندي ڪجهہ دير دريون دروازا،
ذهن کي بند ڪيو، واءُ نہ ساندهہ کُلندو.

حادثي بعد مفلوج ٿي زندہ جو رهي،
هاڻ بستر جو ڪري وقت گذاري ويندو.

دوري احساس جي هر زخم کي ميٺي ٿي ڇڏي،
ماڻهو مجبور وڏو درد وساري سگهندو.

ويڙهہ آن لاءِ ڪبي هئي تہ وري دل سان پرچون،
ڪنهن جي دل تان ٿي لهي وڃبو تہ ڇالڪ وڙهندو!

نيستي هڪ محل جي باغ تي شايد نہ اچي،
جيڪو ڪومائو آهو گل تہ نہ پيهر ٽڙندو.

جند جي دشت جو هر ڪشٽ ٿو عيڪل ڪاٽيان،
پنهنجي پيڙ لئہ ۾ سڄي عمر اڪيلو رُلندو!

## بشير موريااڻي

# ٻه غزل

### (۱)

نہ ڪوئي سنگي، نہ ڪوئي ساٿي، ۽ انتها جي آ غم نصيبي،
مشال ڏونگر جي ڏينهن ڏوريم تہ سامهون آئي رات راوڻ.

نہ تنهنجي ڪجلين اکين ۾ تجلي، نہ تنهنجي قامت رهي قيامت،
نٿين وڇوڙي جي وقت منهنجي اکين ۾ آهي نہ ڪوئي ساوڻ.

اسان جي دل مشت خاڪ هوندي، ٻچي آ حالات جي هوا کان،
سهاري ڪنهن پيار جي هلي آ، وڃڻ جي وسڪار منجهہ ڏاوڻ.

بشير هن سنگدل زماني ۾ آهي خطرو قدم قدم تي،
مصيبتن کان ٿئين جي محفوظ پوءِ پيارن سان ڏاڍو ڏاوڻ.

### (۲)

ٿئي درد جي لئي عطا سدا شب ماهہ ۾،
ڪٿي مرڪ ۾ آ مزو اهو جو آ آهہ ۾.

نہ بهار ۾ ڪو قرار آ مٺا تو ٻنا،
نہ ڪو ساهُہ ٿو اچي ڪنهن بہ چيز جي چاهہ ۾.

سرِ خاڪ ذوق سفر جو ڪو، نہ ڏسي سگهيو،
مليا منزلن جا نشان هر نئين راهہ ۾.

اهو نانءُ جنهنجي ٻني بشر کي خبر نہ آ،
اهو نانءُ آهہ سدا بشير جي ساهہ ۾.

ڊاڪٽر سدارنگاڻي خادم

## رباعيون

ٽُٻو نہ کھڙو، دور ڪنارو آهي،
طوفان، ڪُنُن، سپن جو سارو آهي،
وچ سير ۾ لوڏا ۽ مٿان ڪاري رات،
سهڻيءَ جو سيهار سهارو آهي.

شاباس هجي عشق کي، شل شاد رهي،
ماريائين مون کي، موت اچڻ کان اڳي،
دنيا ۾ سليم دوست گهڻا، پر خادم!
من هڪني ڏنو وَر نہ چڙهڻ دشمن جي.

ڏين عشق، تہ ان سان گڏ ناڪامي ڏي،
ناداري، رسوائي، بدنامي ڏي،
فرقت ۾ آهه عشق عاشق کي بقا،
دک درد بہ ڏي پڻ بي آرامي ڏي.

بلبل کي ڏيئي طعنو، پرواني چيو،
جهڙو نہ سچي جهان ۾ عاشق ڪو،
معشوق مٿان مٽرن ۽ منجن ٿا سڀ،
تون روز ڪڍين لاش نئين ڪنهن گل جو.

جيون ۾ مون ڪيئي وڏا سور سٺا،
ڳاڙيم نہ مگر تلخ ڪي ڳوڙها هيڙا،
سک چين ڦري، عشق ڪيو ويچارو،
هڏ ماس پٽين ٿا درندي چنبا.

"سليم" ڳاڙهوي

# غزل

حقيقت آشنا ڪنهن جي نظر ناهي ته ڪجهه ناهي،
مسافر کي صداقت جو سفر ناهي ته ڪجهه ناهي.

سجڻ جي رُوءِ روشن سان سحر جي رُوءِ روشن آ،
سحر آخر سحر آهي، سحر ناهي ته ڪجهه ناهي.

ڏسڻ جي لاءِ سارو ڏيهه عبرت جي جڳهه آهي،
اِنهيءَ هوندي به ڪوئي ديده وَر ناهي ته ڪجهه ناهي.

ستارن سان سنواريل هو فلڪ نُوري نگر، ليڪن،
پربڻ جي چِهل قدميءَ جو پڌر ناهي ته ڪجهه ناهي.

حديثن ۾ لکيل آهي ته "اَلڪاسب حبيب الله"،
اگر اِنسان کي حاصل هُنر ناهي ته ڪجهه ناهي.

بشر اخلاص جي خالص اکر سان ٿي بشر ٿئي،
بشر ۾ جيڪڏهن اهڙو اکر ناهي ته ڪجهه ناهي.

زماني ۾ زياده وڻج ۽ واپار وڻجين ٿو،
اگر تو دين جو وڻجيو وکر ناهي ته ڪجهه ناهي.

گهڻا ئي شعر جي ميدانَ ۾ گهوڙا گهُمائين ٿا،
مگر شاعر اڳيان سچ جو سفر ناهي ته ڪجهه ناهي.

"سليم" اِنسانيت روئي پُڪاري ٿي پٽي پلپل،
عدالت جو ڏئي ٿيو دادگر ناهي ته ڪجهه ناهي.

عبدالقيوم "صائب"

## غزل

پنهنجي جيڪي نتا آڪري سگهن، تن کي آڪاري اچ،
وسيلو واهرو بڻجي جڏن جو جيءَ جياري اچ.

اوهان کي ڏيهه ۾ ڏاهو تڏهن چوندا مڙئي ماڻهو،
ڏهاڳيل ڏيهه جي ڏاهن کي ڪنهن ڀر وچ ڏتاري اچ.

سمهارڻ سامراجي ٿو گهري تنهنجي ٿي مارُن کي،
ستل واهڻ، ستل بستيون، ستل رستا اٿاري اچ.

جڏهن پي مير و بجارن تي چڙهندي تون ڏسين ڪنهن ڀر،
تڏهن مارن جي فڪر و فن کي بستين ۾ اجاري اچ.

اهوئي ڏاڍ آهي ۽ ڏمر منهنجي تہ مارن تي،
وطن جو حال ڇا آهي وجي هيڪر نهاري اچ.

وڏا حيلا هلائي اچ وڏي آيا هي ڳوناٺا،
مبارڪ ڏي تني کي هيج مان ۽ ميل ماري اچ.

ٻري آئي جڏهن آهي مٺن مارن جي ماڳن تي،
تڏهن منهنجا مٺا سائين، ٻيل وڃا وساري اچ.

اسان کي ياد ڪجهه ناهي سوا سهڻن جي صورت جي،
اچين هونئن جي نٿو سهڻا تہ سهڻن جي سهاري اچ.

هيا جي سال مارن جا وڃي اوجهڙ پيا آهن،
سنئين دڳ لاءِ تن کي تون وٿاڻن ڏانهن واري اچ.

غزل تنهنجو صفا سادو، ڪنائين سان پرپل آهي،
لٽا مفهوم جي سمجهڻ، گهڙي تن وٽ ٿي گهاري اچ.

اڄا مارن ۾ ايڪي جي ضرورت آهه اي "صائب"،
جتي دونهون دکيل آهي اتي آڙاهه ٻاري اچ.

مظفر حسين "جوش"

## غزل

چشمِ گريان ۾ سرشڪِ خنده زن پيدا ڪريون،
شامِ غربت ۾ وري صبحِ وطن پيدا ڪريون.

گيسوئن جي پيچ و خم ۾ زيست جي گولا نہ ڪر،
اڄ تہ زلفِ يار مان دارو رسن پيدا ڪريون.

همنشين روڪي سگهي جا گردشِ موت و حيات،
نوع انسان جي جبين تي سا شڪن پيدا ڪريون.

ننگ وحشت آهي جو ٿئي لالہ و گلَ مان رفو،
خار مان جو ٿئي رفو سو پيرهن پيدا ڪريون.

جنهن مان پاڻي پاڻي ٿئي شمس و قمر جو پيو وجود،
نغمهء نو ۾ اها طرزِ ڪهن پيدا ڪريون.

جنهن جي هڪ هڪ حرف ۾ مُضمر هجي درسِ حيات،
بزمِ هست و بود ۾ اهڙو سخن پيدا ڪريون.

ٿئي جبينِ نُور پيو بي نُور جنهن جي نُورَ مان،
ڪو تہ اهڙو دل ۾ زخمِ خونگن پيدا ڪريون.

ساقيا، بي ڪيف ڏسجن ٿيون هتي سڀ محفلون،
ماه و انجم ۾ هلي ڪا انجمن پيدا ڪريون.

رقص ۾ جيب و گريبان، وجد ۾ دامن هجي،
وحشيو، زندان ۾ اهڙي انجمن پيدا ڪريون.

جو سر منزل لٽي هي نوجوانن جو بجوو،
"جوش" سو راهِ عمل ۾ راهزن پيدا ڪريون.

"عنايت" بلوچ

## ساهہ - سنڀار

سون ريءَ ڪين گذاريو هوندئي،
آب اکين سان هاريو هوندئي.

سانجهيءَ سان ٿي ڪڙڪي ڪولي،
سنهنجي لاءِ نهاريو هوندئي.
ياد جڏهن ڪا آئي هوندئي،
کهلي، ٻاڻ کي ڳاريو هوندئي.

جنهن ريءَ ساعت ڪين سرهي ٿي،
تنهن ريءَ گهنگهر گهاريو هوندئي.
سنهنجي دل ٿي ساري توکي،
مون کي ٻي ته سنڀاريو هوندئي.

موتين جهڙا ڳوڙها ڳاڙي،
پنهنجو مک ڌئاريو هوندئي.
ڪاني ٽيبل تي ٻئي هوندي،
سوچ ۾ تنهن کي ٺاريو هوندئي.

هنجڙون هاري، ٻاڻ کي ڳاري،
ڪمري کي ٻه رئاريو هوندئي.
سڏڪا روڪي، پنهنجيءَ دل کي،
دلبن سان ڌتاريو هوندئي.

هانئي هانئي سنبري هوندينءَ،
پنهنجو پاڻ سينگاريو هوندئي.
سهڻا سهڻا ڪپڙا پائي،
آئيني ۾ نهاريو هوندئي.

ڪاش! ڏسان ها سهڻي صورت،
سرمو ڳل تي هاريو هوندئي.
تنهنجو جيڪر جيءُ جياريان،
جنهن کي مونجهه ۾ ماريو هوندئي.

جي اک ڦرڪي، هڪ تون ڀانئج،
منهنجي ساهہ سنڀاريو هوندئي.
تنهنجو روح رڙي جي رائي،
منهنجي پيار پڪاريو هوندئي.

"تنهنجي آهيان، تنهنجي رهنديس"،
وعدو ڪين وساريو هوندئي.

## "استاد" بخاري

●

ڳونج منهنجي ٻينَ جي ٻُوءِ ٻاغ جي ڪُوڪُوءِ ۾ هئي،
ڪن ٻُڌڻ وارن ٻُڌي ٿي، آڳ جي ڳهُوڳهُوءِ ۾ هئي.

ڪالهه جي آوارگي ۽ سانجهه جي سنجيدگي،
سڀ سيني وٽي اچوڪي پيره جي پهلوءِ ۾ هئي.

تو ڀي دامن سان آڳهي، سو ٽيون هٿي، ڏوٽي ڇڏيو،
هر خوشي منهنجي وَهي ويندي انهي آنسوءِ ۾ هئي.

انب ڪاٽي، ويجهو ويهي ڳفتگو سون سان ڪيئي،
هر اچا الڪي پٽي اَن انب جي خوشبوءِ ۾ هئي.

پنهنجي آگر سان اگهي ٿي سون هئيڪي ٻاڻ ڪئي،
هر خوشي منهنجي وهي ايندي انهي آنسوءِ ۾ هئي.

زندگي ڪان سوت تائين سرحدون "استاد" جون،
منهنجي لئه محدود دنيا جي دَري دادوءِ ۾ هئي.

## "محسن" ڪڪڙائي

### هائيڪا

ٻابي جيڏو ڳهوت،
سورنهن سالہ نينگري،
ٻيءَ ڳتي ٻيو ڪوت.

الاءِ ساڻ نہ ٻيءَ،
ڪنهن جي راهہ تڪي ٿي،
دَريءِ سنجهان ڪا ڏيءَ!

ٻَس، مسافر، ٻيهه،
ڳوڙا، ڳوڙن جي مٿان،
لڄ نہ ڪائي ليهه!

آسهون ساسهون دَرُ،
ايندي ويندي ڳهور سان،
ڳهاٽي ٻيو هڪ ڳهر.

سنڌي اخبارون،
ڌاڙا، اغوا، خونُ ۽،
مالهن ڪي مارون!

ڪائي آ چوري؟
هاڻ تہ ماڻهو ٻيو ڪري،
ماڻهوءِ سان زوري!

## احمد خان "آصف" مصرائي

# عجيب سنڌ

قربان تنهنجي نام تان منهنجي عجيب سنڌ،
منهنجي عجيب سنڌ، ڀلي خوش نصيب سنڌ.

تهذيب تنهنجي آهه قديم ۽ گهڻي قديم،
ٻولي ٻـ تنهنجي آهه عجيب و غريب سنڌ.

لوڏي سگهيون نه توکي زماني جون گردشون،
آهن ڏٺا تـو ڏاڍا فـراز و نشيب سنڌ.

ساڪين ٿيا جي تو ۾ انهن کي سڪون مليو،
هت خوش پيو گذاري غني ۽ غريب سنڌ.

غمگين و غمزدن سان ڪرين غمگساريون،
دل جي دکايلن جي ٿئين تون طبيب سنڌ.

شمس و قمر جو سات توسان رات ڏينهن ٿيو،
خود آسمان ٻه آهه تنهنجو هڪ حبيب سنڌ.

تنهنجي زمين خُلد برين جـو مثال مـٽ،
تنهنجو انـاج، آب اسان جـو نصيب سنڌ.

ٿر ٻر ٻه تنهنجا سچ ٿا گلستان کي شه ڏين،
تنهنجا زغـن ۽ زاغ جهڙ ڪ عنـدليب سنڌ.

تنهنجا جـوان، سـورما ۽ سرفـروش ٿيا،
سينگارياڻون سر ڏئي سوريون صليب سنڌ.

"آصف" رکو نه توتي لـکي نظر تو نوان،
ساراهه تنهنجي ڪن ٿا سڀ شاعر اديب سنڌ.

الحاج رحيم بخش "قمر"

# ڳهوٽ ڀٽائيءَ جا مهراڻ

سنڌڙا سور نه سانُو ڏيٺيءَ، جهانگيئڙا ٿا چونشي جيئيءَ،
حال نه ڪج تون هُڙو هيٺيءَ، ويڙهيچن جو وسائج وڻيءَ،

آهين الفت جو آهڃاڻ !
ڳهوٽ ڀٽائيءَ جا مهراڻ!

سنڌ سڄيءَ کي شاد ڪرين ٿو، وِڪ وِڪ تي آباد ڪرين ٿو،
دائم سڀ جو داد ڪرين ٿو، عالم جي امداد ڪرين ٿو،

آهين عالم جو اڳواڻ!
ڳهوٽ ڀٽائيءَ جا مهراڻ!

سنڌو، سانگين ساڻ تون آهين، پنهنجو ڀي مٽ پاڻ تون آهين،
ساوڪ ۽ سرهاڻ تون آهين، موج ڀريو مهراڻ تون آهين،

سنهنجا مٺڙا موجون ساڻ !
ڳهوٽ ڀٽائيءَ جا مهراڻ!

ڀوڪن کي تو پاڻي گهرجي، نرمل نهر نماڻي گهرجي،
تنهنجي ڀرت ڀراڻي گهرجي، لهر نه اندي ڪاڻي گهرجي،

ماروئڙن لئه ڪج موجاڻ !
ڳهوٽ ڀٽائيءَ جا مهراڻ!

نيڻن نار نظارا تنهنجا، ڪامل ڪيف ڪنارا تنهنجا،
جهانگي جيءَ جيارا تنهنجا، سنڌو سرس سهارا تنهنجا،

ويڙهيچن تي ڪج وراڻ !
ڳهوٽ ڀٽائيءَ جا مهراڻ!

توکي سارن سانگيئڙا، جهنگ ۾ جر ۾ جهالڪيئڙا،
ونگ وجهن ٿا وانگيئڙا، تانگهه رکن سڀ تانگهيئڙا،

ڪاڙ توکي ڪنهن جي ڪاڻ!
ڳهوٽ ڀٽائيءَ جا مهراڻ!

ٽوڪي سونهن مُنهن تي سوڙ، وهنگ ۽ جر ۾ جاهون جوڙ،
واهڙ، ڪسيون، ٻيلا ٻوڙ، خوب ڪهي ۾ خيما ڪوڙ،

چاڙهه سين ڪج تون نيهن نواڻ!
گهوٽ پناڻيءَ جا مهراڻ!

تو تي الله نبيءَ جي اوٽ، تو تي ڪلهي ٻاڪ جو ڪوٽ،
تنهنجو مير مُحمّد گهوٽ، چٺي ٻاسي ڪج تون چوٽ،

سنڌ سڄيءَ ۾ ڪج ساواڻ!
گهوٽ پناڻيءَ جا مهراڻ!

## "آثم" ناٿن شاهي

### غزل

جڏهين جڏهين مونکي پنهنجي ويجهو لڳندو آهين،
تڏهين تڏهين ساڀيان ۾ ٻي سپنو لڳندو آهين.

متنَ ۾ موتين ڪاڻ ڪنيو، چُپ چاپ وتين تو هلندو،
ساگرَ انت نه جيئن، تيئن تون ٻي اونهو لڳندو آهين.

رسن جي ڦاهيءَ تي چاڙهيل، بي وس ۽ بي ڏوهي،
سچَ وانگر او سانول سنهڙا! مٺو لڳندو آهين.

جهنُڙ ۾ جيئن ٿي گهر ڪان ٻاهر ايندو اُنهه اگڻ تي،
جانوءُ ٻاري ۾ جڻ سُج جو تيڙڪو لڳندو آهين.

تو سان منهنجو ريت، روايت، رتَ جو ڪو سڱ ناهي،
پو به، الائي ڇا لئه ايڏو پنهنجو لڳندو آهين.

ڪتنَ ۾ ڪيلڪ ۽ ڪاگر ڪنجَ ۾ لالُ اکيون لڳس ميرا،
ڪڏهين ڪڏهين آثم تون ٻي چريو لڳندو آهين!

سروپچندر "شاد"

## تراڱيل

هتوراڙيون ڏيئڻ سان ڪجھ به حاصل نه ٿيندو،
ويساھ ڪرڻ سکيو آهين، سوچڻ جي ڪر ڳالھ.
سمجھ به سان ويڙهاند ۾ ڪو به شامل نه ٿيندو،
هتوراڙيون ڏيئڻ سان ڪجھ به حاصل نه ٿيندو.
بيئل ڀاڻي بانس ڪندو، ڪو ڪُل ٿل نه ٿيندو،
ذري ذري ڪي زينت ڏي ۽ لوچڻ جي ڪر ڳالھ.
هتوراڙيون ڏيئڻ سان ڪجھ به حاصل نه ٿيندو،
ويساھ ڪرڻ سکيو آهين، سوچڻ جي ڪر ڳالھ.

نثار "بزمي"

●

پرين پردو لکن ۾ آ،
نيارو دلبرن ۾ آ.

جڏهن سُرڪي لهاري تو،
ته هرڪا دل تپن ۾ آ.

سُندري آ چيچ ۾ سوني،
عجب حرڪت هٿن ۾ آ.

وَيو آ واسجي سيڪو،
سڳند ڪيڏي لٽن ۾ آ.

ڀڪيڙي زلف تو پنهنجا،
ته پو چڻ سج لڪن ۾ آ.

متان سمجهين ته سانجهي آ،
لڳل سرخي لبن ۾ آ.

حڪومت حسن جي آهي،
تڏهن "بزمي" ڏچن ۾ آ.

## والي محمد "وفا"

### غزل

زندگي لاءِ ڪوئي سهارو ڏي،
زخم تازو فريب نيارو ڏي.

منهنجي ڪشتي کي ڪو اشارو ڏي، ڪاش طوفان ئي ڪنارو ڏي.
جو تو تصوير ڏني، تصور ڏين، جي نگاهون ڏني نظارو ڏي.
فرصت غم ڪٿي زماني ۾، درد ڪڏهن، ڪٿي تو وارو ڏي.
ڪجهه اسان جو ٿيڻ گذارو ڏي، درد جيڪو به ڏين سگهارو ڏي.

طلبِ مئي تي وفا ٿئي جڏهن،
ڪو اکين کي تو آبڪارو ڏي.

## ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ

### وائي

يار به چاڪي، سينڌ به اٿي،
ڏاڙ ڀلا پوءِ ڪهڙي هٿي!
ڪهڙو وعدو پاڙيئي جاني، ڳالهه ڀلا پوءِ ڪهڙي ڳٽي.
جيون جوين ڪک پن-تاري، نيٺ ته يارو ڪڏهين ڇٽي.
مٺي پڄاڻان منهنجا يارو، منهنجي وائي ورور وٽي.
آيو آيو ٿي اپ ڏي ڏسندي، تنهنجي منهنجي ٻڪڙي ٻٽي.
تو بن ساٿي هيءَ حياتي، ڪٿي ڳٽي پي ڪهڙي ڪٽي؟

## بشير احمد "شاد"

### غزل

نيڻن مان جو لڙڪ لڙي پيو،
جهڙو سارو ڏيهه سڙي پيو.
پاٺياريءَ جي ڀهڙي وانگر، توسان منهنجو جيءُ جڙي پيو.
ساهن جي سرهاڻ ملي جا، ڪيڏو منهنجو هيانءُ ٺري پيو.
ساري تنهنجي سڪ او سائين، اکڙين ۾ آب اُتري پيو.
تنهنجي ناز نوايا ڪيني، هڪڙو ناهي "شاد" مري پيو.

## ميرل فقير جويو

### ڪافي

جهڙي تهڙي جانب تنهنجي،
معلوم توکي منهنجو حال.

ساري حياتي ڪج ڪمايم، عمر اجائي وبهي وڃايم،
ڪر ڪو پورل پنهنجو پال.

عاجز آهيان منهنجي آزي، رحم ڪندين تون ٿيندين راضي،
سهڻل سائين سڻج سوال.

تو بن ڪونهي ڪوئي چارو، ساجن آهين تون ئي سهارو،
صدقو توتان سڏيون سال.

'ميرل' تنهنجو آهي مياري، غفلت ۾ ٿئي عمر گذاري،
واريو هاڻي ورق وصال.

## انيس انصاري

### خواهش

هوءَ ايپرن (Apron) پهريل
جنهن کي اسڪاپل (Scalpel) هٿ ۾ آهي،
سسٽ (Cyst) جي بدران سر کپي
تہ حاضر آهي
هين،
بدرو ۽ بد مزاج سرجن جي هٿان
شفا جي بدران،
هُن جي هٿان مرڻ ٿو بهتر سمجهان.

# چؤسٽا

( ١ )

غير دے غاليچے ڪنون، جهڙي تهڙي ٺُڪ پلي ہے،
ٻنے دے ہوڙ ہُلاء ڪنون، اپڻي خالي ڪُڪ پلي ہے،
سان رهے جنهن ساني وچ، سا ماني ڪانت ٻُڪ پلي ہے،
مدهوش سموري ڳالهه ڪنون، ڳالهه اهائي مُڪ پلي ہے.

( ٢ )

ٻئے دي ٻلدي هٿ نہ سيڪين، توڙے مرد اهو ورين سي،
جے اپڻي ٻاليسن ٻال سکهين، ڪڍ ڪنهن دي نہ ڪاڻ ذري،
ڪاڻ ڪيڻ تے ڪانا ٿيسين، هند هند ٿيسئي دبد ڊري،
مدهوش ٻجڻي جي وس اپڻے، مَن مردان دي اے ڳالهه ڪري.

( ٣ )

ٻک صردا صردا مترجا، منگڻ نيڙے مول نہ ٿيي،
منگڻ ڪنون مرڻ ڀلا، جيڪو ترت جلاوے جيي،
منگڻ والي مرد اکيندے، ڳالهہ ڪرڻ هے ڪتيي،
مدهوش ٻُجڻي جي وس اپڻے، ٻاٹي منگڻ نہ ٻيي.

( ٤ )

تئين وچ ديرا دلبر دا، تئين وچ عشق اروڙ،
جي ڪوڙ ڀچون ٻيا ڊکيسين، تون ٻي ٿيسين ڪوڙ،
دکِ دکِ دي جے ڏوڙ چٽيسين، ڏوڙ دي رهسين ڏوڙ،
مدهوش جے چاهين يار ملے، اپڻي ٻيهي آڻ ٻروڙ.

( ٥ )

نهين لوڙ اِهين زَر دِي، جنهن زَر دي صورت زردِي،
تون سائين مئين بتردِي، اصلون تئين دلبر دِي،
گولي خاص غلام آن، او بےدردي تيڏے دَر دِي،
اے دل مدهوش دي هے متردِي، سنت رِيت ڏمردِي.

## "نشتر" خائڻ شاهي

### قطعا

(۱)

شير تي ڏسجي گدڙ ٿو اڪرو،
موڪ ٿي درياھ کي دھمان ڏئي.
وقت ٿو غيرت لتاڙي دوستو!
باھ ٿي پاڻي مٿان آلري اچي.

(۲)

باھ مان وھنجي مزي سان آيو ھان،
ھر جلائي جسم کي پاڻي چڙيو،
آھي ڪنڊن کان تحفظ ٿيو نصيب،
پر، آ گلشن ۾ گلن کاڻي وڌو.

(۳)

بوجھ ايڏو ذھن تي پيو آھي جو،
ڪجھ ۾ "نشتر" ڪين ٿو سوچي سگھان،
ياد ھرڪنھن کي رھان ٿو مان، مگر...،
تو وچان ھرھر مان وسريو پاڻ کان.

(۴)

نانگ پيرن کي چميون ڏيندا رھيا،
ھر، مان انسان کؤن ڏنگجي پيس،
غير جي ھٿ کان رھائي وئي ملي،
پر، مان پنھنجن جي ھٿان ڦٽجي پيس.

## "خاڪي" جويو

### وائي

سنئيءَ جي سور کان ڪيچ پري ناھي،
ڪو تہ وجي ڪاھي.
نينگر ننڍاڪڙي، گھر ھني گھاھي،
ڪو تہ وجي ڪاھي.
چوڏھينءَ جي چنڊ کي، چانڊوڪي چاھي،
ڪو تہ وجي ڪاھي.
ورچون ڪين وات کان، نينھن نئون ناھي،
ڪو تہ وجي ڪاھي.
صدين جي سوچ ۾، ذات ڏنگي آھي،
ڪو تہ وجي ڪاھي.

## "تاج" جويو

### بيت

ٿوهر، ٿوهر، ٿر، هوءِ ٻه ٿر، اڪين تي،
آزاديءَ آهيان آ، جنهن ۾ ڪارونجهر،
جنهن ۾ اڳ ٻه ڳونجيو، نعرن سان ننگر،
جنهن ۾ اڄ ٻه آپ ڪان، اوچو ڪولهين ڪنڌ،
ڪري ٿر امر، رت سان ويو روهيلو!

الا! اڪيلا، ٿري ٿين نه ٿر ۾،
سارن جا سليپر ۾، متا رهن ميلا،
پنوريءَ پٽن تي، چانگ چرن چيلا،
ٿوهر، ٿارهلا، سدا سونهن ٿر ۾.

لڪن مٿان لوڏ، هو ڀانهيارين جي،
ڪنواريون منجهان ڪوڏ، ڀري وريون ڀيلهڙا!

ڀيلڻ، نڪ ۾ نٿ، ڪڇ تي ڪُنڍڪي هارڙو،
ڪريان ڪهڙي ڪٿ، ٿرجي نياريءَ سُونهن جي!

بابو! پٽ تي "ڪيڪرو"، ڪهڙي هل ٻيهار،
"ڳاڏي وارو لڪ" چڙهندي، اڄ ڪيو بيزار،
ڀانيءَ لسپ پيار، ته سامت اچي ساهه ڪي!

"مِٽي" آهه مٺي، مِٽي منهنجي ملڪ جي،
هيڪر جنهن ٻه ڏٺي، مور نه وسري ان ڪان!

"مِٺي" مٺي ٿر جي، ماڻهو سندس مور،
هينئڙي جٻين هور، سدا پنهنجيءَ سنڌ جي!

چوڏس، چنڊ ڏهر ۾، رمي هيو راندِ،
ڀرين منهنجي ڀانڊ، ڳوڙهن ڳاڏ ڳالهيون!

چنڊ ڏهر ۾ چمڪيو، چوطرفين چانڊاڻ،
الا! آڏيءَ ٿاڻ، اجا ميت نه موٽيو.

ڏهر سورو سانت، ڪرڙيو چنڊ آڪاس ۾،
الڪو ۽ ايڪانت، وڄهن وڏ وجود ۾!

## اياز گل

●

تنهنجي مون تي نگاهه ٿي وئي آ،
آفتن کان پناهه ٿي وئي آ.

ڪيس سڀ کان وتان لڪائيندو، سُرڪ ڄڻ ته گناهه ٿي وئي آ.
منهنجي سچ تي ڪروڙ ۽ هُن جي، ڪوڙ تي واهه واهه ٿي وئي آ.
زندگي هر ستم تي خوش آهي، ڄڻ ٽِڳڻ جو ڪو ٺاهه ٿي وئي آ.
ڪجهه ڪرڻ جو جي حوصلو جاڳيو، راهه مان ئي ڪا راهه ٿي وئي آ.
ڀن نيڊڙين اکين جي چاهت ڏس، هڪڙو ساگر اٿاهه ٿي وئي آ.

## مختيار ملڪ

●

ڪيڏو توسان ٿو آءٌ پيار ڪريان،
ڪيئن توسان اهو اظهار ڪريان.

ڪجهه گهڙين جو به جنهن کان قرب مليو، ان کي پنهنجن ۾ ٿو شمار ڪريان.
پيار جو سلسلو نشون ناهي، مان ته ان کي ٿو برقرار ڪريان.
مون کي هوءَ جدا ڪري وئي تنها، اڄ به ان جو ٿو انتظار ڪريان.
فون پي ڊيڊ ٿي ويو آهي، ڪيئن تو ساڻ خبر چار ڪريان.

## يوسف شاهين

### وائي

ڳليءَ ڳليءَ ڳائي، ڏيان ڏس هزار،
ماندا ٿيو نه مانهئا، ايندي مند ملار،
ايندي مند ملار.

ويندي رات رڙي، ٿيندي پوءِ ٻهار،
ايندي مند ملار.

ڏُکي هن ڏيهه تان، باري لهندا بار،
ايندي مند ملار.

جي جيءَ کن جڙاءُ، ورندا سي وينجهار،
ايندي مند ملار.

سدائين سانيهه جي، ”يوسف“ آهي پچار،
ايندي مند ملار.

ذوالفقار سيال

## وائي

آئيني ۾ جهاتي پائي، پاڻ کان ئي شرمائي ٿي،
چوٽيءَ گل لهرائي ٿي.

هوءَ جو ڪولي، وارو ڪيري، جڳ سڄو مهڪائي ٿي،
چوٽيءَ گل لهرائي ٿي.

ڀهريون ڳوري، اکيون پوري، نيڻن کي چلڪائي ٿي،
چوٽيءَ گل لهرائي ٿي.

هوءَ البيلي، منهنجي جهولي، پنهنجو پاڻ لڪائي ٿي،
چوٽيءَ گل لهرائي ٿي.

انگ انگ ۾ خوشبو اوتي، پنهنجا وار وڇائي ٿي،
چوٽيءَ گل لهرائي ٿي.

مدد علي سنڌي

دل جي آئيني مان
جڏهن سينجي ويندا،
تنهنجي يادن جا اولڙا،
وسامي ويندا گهڙيءَ ۾،
سمورا بيوفائيءَ جا پل،
نه ڪنهن طرف کان،
سوجهرو نظر ايندو،
نه وري ڪوئي ڪنهن جو
سپنو ڏسندو،
رات کي ڏينهن،
ڏينهن کي رات چوڻ وارا،
شفق جي رنگن ۾
ٿي ويندا گم،
تڏهن آڪاس کان لهي ايندو،
اڪيلائي جو سنسان انڌيرو.

نصير مرزا

## سمنڊ ڪناري هن جي ياد

مان اڪيلو شام جي تاري جيان
ڏنڊ ۾ جنن قول ڪو
۽ هوائون تيز لهريون بي ڪنار
سمنڊ ۾ ٻڙڏول هو
آنڌ مانڌ وڪار هئي بس آرپار
۽ سٽني گوڏول هو
مون پڪاريو
تون ڪٿي آهين ڪٿي
دل منجهان آواز آيو
مان هيتي
آهيان هيتي.

پشپا ولڀ

# آخري خواهش

مُنهنجا ڏک ٻه ٽيا شمّع شڪونن وانگر.
هر پل من جي در تي لٽڪيل
املتاس جي پيلن گُلن جي ڇڳن وانگر.

اي درد هلي آ،
بي درديءَ جي هر سوئي
جسم جي هر پور ۾ ٽُنبي ڇڏ
جن جي قيد ۾ بند شهزادي جي جسم وانگر.

ڇا محبت ۾ ائين ئي ٿيندو آهي
ذرو ذرو روز مربو آهي، جيئبو آهي
چُپ رهبو آهي، کهوربو رهبو آهي
تلڪ چاڙهيءَ جي ٿوٽ ٻاٽن تي سُتل
ليڙون ۽ ميل ۾ چيڪٽ ڪپڙن ۾،
مستان وانگر.

چپن ۾ چيل ڪا ڳالهه
جا روح راڙي ۾ ڪنهن نه ٻُڌي
اکيون کليون ئي رهيون
ڪنهن جي انتظار ۾،
منهنجي خواهش ته ٿي
مرڻ واري جي اڻپوري آخري خواهش وانگر.

زوار جهانيه

# هُن جي نالي

شفق جي هُن پار،
سورج غروب ٿي ويو آ،
آڪاس تي نيڙو نڙي.
۽ ڪتيون ڪڙي پيون هين،
۽ مان پنهنجي هٿن جي ٻُڪن ۾،
تنهنجي ڪتابي چهري کي ڏسان ٿو،
جنهن جي هر ريک تي وکريل هين،
منهنجا گيت غزل،
ڪوتا ۽ ڪهاڻيون،
جن کي هر روز، صبح ۽ سانجهه، خوابن ۽ خيالن ۾
تنهنجي مُک تي وکريل ڏسان ٿو مان،
۽ ان تان لفظ هڪ هڪ ڪري ميڙيان ٿو مان،
چڻ تنهنجا چپ چمان ٿو مان،
چپ چمان ٿو يا ڪوئي گيت لکان ٿو مان،
۽ ان ويل شفق جي هن پار کان ڪوئي آواز ٻڌان ٿو مان،
ڪوئي من ٻريائي رهيو آ،
ڳائي رهيو آ،
پنهنجي پيار جي ٻرہ ڪهاڻي.

●

شفيع چانڊيو

## ٻيڙو

(١)

ننڍا هي نينگر
ڦوٽ ڀاڻن تي ڪيترا
ڪمائن پيا نوڪر.

(٢)

ڪوئليءَ جو آواز
ڏنڊلي ڏنڊلي ڏونهن ۾
ٻڪين ڪيو پروا؛

(٣)

ٻل ٻل پهر ٽٽو
تو ٻن هڪڙو ٻل پي
سالن جيئن لڳو.

(٤)

سونهن دري کولي
شرمائي ٿي روشني
چوڏهينءَ چنڊ سندي.

(٥)

پينر ڏينهن ڏني
دل جي هن پيور مان
ويٺڙو سات منٽي.

(٦)

هڪڙي مرڪ ته ڏي
نفرتن مان ٿي سهي
ڪوني آئت ڏي.

وسيم

## واڍون

آپ جهڙالو ٿو ٿئي، تارا تون ٻه تنوار،
تارا تون ٻه تنوار.

موسم اگرن آڳ آ، اهندو-اهندو نار.
"پيچ پتائي پيچ" جا، ٻول آچاري ٻار.
وري ٻورب واهه سان، چچندو جيون جار.
ٽنڊيون هير هڳاءُ ۾، لامون لڏندي هار.
ٽيندو بن-بن بانسري، وسندو مينگهه ملهار.
پچندي منٽي مهڪندي، ٽرندو ٻار اُهار.
ڪوئل پهر ڪنوڪندي، ٽڙندو ڏاڙهونءَ ڏار.

## مير غلام الله خان ٽالپر
(سور جهنگو)

•

دل تہ چاهي ٿي مٺي منٺار جون ڳالهيون ڪريون،
عقل چاهي ٿو تہ نہ ويچار جون ڳالهيون ڪريون.

دل تہ چاهي ٿي وري لغزش ڪيون اڄ ڪا لئين،
عقل چاهي ٿو تہ نہ گهر ٻار جون ڳالهيون ڪريون.

دل تہ چاهي ٿي وري ڇيڙيون قصا مجنون سندا،
عقل چاهي ٿو تہ نہ منسار جون ڳالهيون ڪريون.

دل تہ چاهي ٿي ڪريون ماحول کي اڄ خوشگوار،
عقل چاهي ٿو تہ نہ آزار جون ڳالهيون ڪريون.

دل تہ چاهي ٿي هي ڪم ٻي ڪار آ، ٻي ڪار آ،
عقل چاهي ٿو تہ نہ ٻي ڪار جون ڳالهيون ڪريون.

دل تہ چاهي ٿي ڪريون حور و پري جو تذڪرو،
عقل چاهي ٿو تہ نہ هين ٻار جون ڳالهيون ڪريون.

دل تہ چاهي ٿي ڪريون هر تلخين سان اڄ صُلح،
عقل چاهي ٿو تہ نہ ٻيڪار جون ڳالهيون ڪريون.

دل تہ چاهي ٿي ڪريون هُن پُرخمار اکڙين جي ڳالهہ،
عقل چاهي ٿو تہ نہ بيدار جون ڳالهيون ڪريون.

دل تہ چاهي ٿي گهڻو ڪجهہ ’مير‘ ليڪن ڇا ڪريون،
عقل چاهي ٿو تہ نہ معيار جون ڳالهيون ڪريون.

## مخدوم جميل الزمان

•

الفت کان ڀو قرار مناسب نٿو لڳي،
ايتري ۾ کان فرار مناسب نٿو لڳي.

هلڻي ۾ ٻار ٻار، مناسب نٿو لڳي،    هر ڪنهنجو انتظار مناسب نٿو لڳي.
هي نيڻ، جن ۾ يار تو جلوه نما رهي،    سي ٿيڻ اشڪبار، مناسب نٿو لڳي.
ڪاوڙ ڪندين ته ڪيئن ڪندين رازدار سان،    سُرڪي نهار يارا مناسب نٿو لڳي.
پروانو آهيان تنهنجي رخِ تابناڪ جو،    ٻي ڪنهن تي ٿيان نثار! مناسب نٿو لڳي.
پنهنجو وفا ڪري ته انهي سان نباهجي،    غيرن تي اعتبار، مناسب نٿو لڳي.
تشبيهه تنهنجي صرف گلاب سان ڪيئن ڏيان،    تون رشڪِ لاله زار مناسب نٿو لڳي.

ڪنهنڪي اندر جو حال پڌائيندو ڪر 'جميل'،
خاموشين سان پيار، مناسب نٿو لڳي.

## پريتم داس "پياسي"

### غزل

مون کي روئندي سڄڻ ڪئين سال ٿيا،
منهنجا حال آهن بيحال ٿيا.

ڪو وقت ٿي گڏجي گذاريو سون،    اڄ وَرهين بعد وصال ٿيا.
مان ازل کان تنهنجو آهيان زي،    منهنجا تو ري ۾ هيئا حال ٿيا.
لڪا راحت رات جو آهي ڪا،    منهنجا ڏينهن آهن جنجال ٿيا.
مان توکي پڪاريان "پريتم" تو،    منهنجا عجب آهن احوال ٿيا.

# مقالا

# قديم دور ۾ سنڌ ۾ آيل عالم ۽ مذهبي پيشوا

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

قديم دور مان هتي مطلب آهي عرب دور ۽ سومرن جو ابتدائي زمانو. ان زماني ۾ عرب جي سرزمين مان جيڪي عالم، فاضل، بزرگ ۽ مذهبي پيشوا سنڌ ۾ آيا ۽ پنهنجي علم، فضل ۽ روحاني فيض مان سنڌ جي سرزمين کي مستفيض ڪيائون، انهن جو تعارف هت پيش ڪيو پيو وڃي. پر ان کان اڳ ۾ ضروري آهي، ته ان دور جي تاريخي پس منظر ۽ سنڌ ـ عرب تعلقات تي ڪجهه قدر روشني وڌي وڃي.

## تاريخي پس منظر

”موهن جو دڙو“ جي کوٽائي مان معلوم ٿيو آهي ته اڄ کان پنج هزار سال اڳ سنڌ هڪ خوشحال، متمدن ۽ مهذب ملڪ هو. اندازا ۱۷۰۰ ق.م کان ۱۴۰۰ ق.م ۾ وڏي تعداد ۾ آريا قبيلا سنڌ ۾ داخل ٿيڻ لڳا. موهن جي دڙي واري اعليٰ تهذيب انهن جي ڌاڙ ۽ ڌهڪاءُ جي ڪري ختم ٿي. آرين کان سواءِ ڪلواني هتي ڪاهي آيا، جن سان سنڌ جي ماڻهن جا قديم زماني کان واپاري تعلقات هئا. آهي اندازا ۲۲۳۴ ق.م ۾ سنڌ ۾ آيا. سنڌ تي ايرانين ۾ ڪاهون ڪيون. ۴۸۰ ق.م ۾ سنڌ تي ايرانين جو سياسي اثر هو. ايرانين کان پوءِ سڪندر مقدوني سنڌ تي ڪاهي آيو. هو ۳۳۰ ق.م ۾ پنجاب کان سنڌو نديءَ جي رستي سنڌ ۾ داخل ٿيو.

يونانين کان پوءِ سٿين ڪاهون ڪيون. هو اڇي چمڙيءَ وارا هئا. هنن کي يورپ وارا ”ساڪ“ يا ”سائيزن“ سڏين ٿا. هن قوم، مغلستان کان نڪري شام جي شهر انسڪلان ۽ يورپ تي ڪاهون ڪيون. سنه ۴۵۵ھ ۾ سنڌ تي حملو ڪيائون ۽ گپت راجا کي شڪست ڏيئي پنجاب، سنڌ، بلوچستان ۽ مالوا تي قبضو ڪيائون. ٿوري وقت کان پوءِ هتي جي ماڻهن سان ملي ويا. سنه ۵۴۰ع ڌاري، هنن جي حڪومت جو خاتمو ٿيو.

سٿين جي زماني ۾ سنڌ ۾ گپت خاندان جي حڪومت هئي، جنهن ۳۲۰ع کان ۵۲۵ع تائين حڪومت ڪئي. هن خاندان جو باني، چندر گپت پهريون هو، جنهن ۳۲۰ع کان ۳۳۵ع تائين حڪومت ڪئي. ان کان پوءِ سندس پٽ سمدر گپت تخت تي ويٺو. سال ۳۷۵ع ۾ ان جي مرڻ کان پوءِ ان جو پٽ چندر گپت ثاني تخت تي ويٺو، جيڪو عام طور وڪرماجيت جي لقب سان مشهور آهي. مالوا، ڪاٺياواڙ ۽ سنڌ تي سندس حڪومت هئي. هو وشنو پنٿ جو پوڄاري هو.

عربي زبان ۾ ان جو جواب ڏنو"(۱). جيڪڏهن اها ڳالهه صحيح آهي، تہ پوءِ چئبو تہ سنڌ ۽ هند جا عرب دنيا سان تمام قديم زمانيءَ کان تعلقات هئا.

سنڌ ۽ هند جي واپار ۽ پيداوار کي عربن جي نگاه ۾ جيڪا اهميت حاصل هئي، ان جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو، تہ حضرت عمر رضہ هڪ عرب سياح کان پڇيو، تہ "هندستان بابت تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟" ان تي هن ٽن مختصر فقرن ۾ جواب ڏنو: "سندس درياهہ موتي آهن، سندس پهاڙ ياقوت آهن ۽ سندس وڻ عطر آهن"(۲).

موهن جي دڙي مان جيڪي شيون مليون آهن، اهڙيون عراق جي دڙن مان بہ هٿ آيون آهن. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌ ۽ عرب دنيا جي وچ ۾ واپار هلندڙ هو. عرب طبعي حالتن مطابق تمام قديم زمانيءَ کان واپاري آهن. هو قديم زمانيءَ کان واپار سانگي سنڌ ۾ ايندا هئا. چوٿين صدي عيسوي ۾ ايران جي ساساني بادشاهن، عربن جي واپار کي روڪي ڇڏيو هو، پر ساسانين جي زور ٽٽڻ کان پوءِ عربن وري سندس واپاري تعلقات قائم ڪري ورتا؛ توڙي جو ايرانين هندستاني راجائن کي مشرائي عربن جي سلون مان هلندڙ واپار ۾ سامونڊي ڦورن ذريعي رنڊڪون وجهرايون هيون.

اسلام کان پوءِ عرب طاقتور ٿي ويا ۽ بنا خطري سنڌ، هند ۽ چين سان واپار ڪرڻ لڳا. ان وقت ۾ بہ هندستاني راجائن، سنڌ ۽ هند جي بندرن، خاص طرح سنڌ جي ديبل، گجرات جي ڀڙوچ ۽ بمبئيءَ جي ٿاڻي ۾ عربن لاءِ خطرو پيدا ڪري ورتو هو، پر هو انهن تڪليفن سان منهن ڏيئي بنا خطري واپار ڪندا هئا. سنہ ۱۵هہ ۾ حضرت عمر جي زماني ۾ عمان جي گورنر عثمان ابي العاص، هڪ فوج مٿين بندرن ڏانهن موڪلي، خطرو دور ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ هندستاني راجائن، ٻاهرين ٻيڙن تي ۱۰ سيڪڙو ڍل مڙهي. حضرت عمر ان تي اعتراض وٺڻ جي بدران، بصره ڏانهن ايندڙ هندستاني ٻيڙن تي ۱۰ سيڪڙو ڍل وجهي ڇڏي.

سنہ ۷۰۵ع ۾ جڏهن وليد اموي خليفو ٿيو، تڏهن هن حجاج بن يوسف کي عراق، ايران، مڪران ۽ بلوچستان يعني حڪومت جي مشرقي حصي تي نائب مقرر ڪيو. هن هندستان جي ٻيڙن سان تعلقات اڃا بہ وڌيڪ مضبوط ڪيا. عرب واپاري ايندا ويندا رهيا؛ پر سنڌ ۽ هند جي اڪثر ڪنارن سان سامونڊي ڌاڙيل انهن جهازن تي ڌاڙا هڻندا رهيا. سومنات ۽ ڪڇ سامونڊي ڌاڙيلن جي سڀ کان وڏي پناهگاهہ هئي. آخر انهن ڦورن جي ڦرين، عربن کي سنڌ تي حملو ڪرايو. سامونڊي ڦورن، سلون کان ايندڙ عربن جو جهاز ڦريو. نہ فقط ايترو، پر

(۱) علامہ سيد سليمان ندوي بہ هيءَ ڳالهہ پنهنجي ڪتاب "عرب و هند کے تعلقات" (ص ۱۱) ۾ آندي آهي. لکيو اٿس، تہ جيتوڻيڪ انهيءَ ڳالهہ تي مشڪل سان يقين اچي ٿو، پر جيئن هڪ وڏي پنڊت ان کي مڃيو آهي، تنهنڪري مون کي بہ انڪار جي جرئت ڪانهي.

(۲) الاخبار الطوال: ابو حنيفہ دينوري (اردو ترجمہ)، مرڪزي اردو بورڊ.

جهاز ۾ سفر ڪندڙ مسافرن کي اروڙ ۾ قيد ڪيو. انهن ۾ مردن سان گڏ عورتون به هيون. حجاج بن يوسف سنڌ حڪومت کي بي گناهه قيد ٿيل مسافرن کي آزاد ڪرڻ لاءِ لکيو ۽ ڦر جو مال واپس طلب ڪيو. سنڌ جي حڪومت ان جو ڪو به مثبت جواب نه ڏنو. اهوئي سبب آهي، جو حجاج، محمد بن قاسم کي سنڌ تي حملو ڪرڻ لاءِ موڪليو.

سن ۹۲ هه (۷۱۱ع) ۾ سنڌ جي برهمڻ گهراڻي جي راجا ڏاهر کي شڪست ڏئي، سنڌ تي مسلمانن جي حڪومت قائم ڪئي. برهمڻ گهراڻي جو باني چچ هو، جيڪو اصل ڪشمير جو برهمڻ هو ۽ سنڌ ۾ روزگار سانگي آيو هو. هو پهريائين راءِ گهراڻي جي راجا راءِ سهاسي جي وزير جو منشي ٿيو ۽ پوءِ پنهنجي چالاڪيءَ سان راجا جو وزير ٿيو. ان کان پوءِ راجا راءِ سهاسي جي رانيءَ ذريعي سازش ڪري، سنڌ جو حڪمران بڻجي ويو ۽ راجا راءِ سهاسي جي بيوهه سان شادي ڪيائين. چچ برهمڻ هو ۽ سنڌ جي عوام جي اڪثريت ٻڌ ڌرم جي پوئلڳ هئي، انهيءَ ڪري سنڌ جي عوام جي اڪثريت چچ ۽ سندس پٽ راجا ڏاهر کي پسند نه ڪندا هئا. اهوئي سبب هو، جو سنڌ جي عوام محمد بن قاسم جي ڀرپور مدد ڪئي.

محمد بن قاسم جي فتح کان پوءِ هي ملڪ دمشق ۽ پوءِ بغداد جي ماتحت رهيو، البته محمد بن قاسم جي وفات کان ٻه سال پوءِ سنڌ ۾ عربن جو اثر گهٽجي ويو. ان هوندي به مسلمانن جي مرڪزي حڪومت طرفان سنڌ لاءِ گورنر مقرر ٿي ايندا رهيا. هوريان هوريان عربن جي حڪومت سنڌ ۾ ڪمزور ٿي ويئي، جنهن ڪري ڏيهي ماڻهو اڀرڻ ۽ اسرڻ لڳا ۽ پنهنجون رياستون ۽ جاگيرون قائم ڪرڻ لڳا. اروڙ تي راجا دلوراءِ قبضو ڪيو ۽ عربن جي حڪومت صرف منصوره تائين وڃي محدود رهي. "منصوره"، سنڌ جي قديم شهر برهمڻ آباد جي ڀرسان عربن نئون شهر آباد ڪيو هو. منصوره شهر به هو، ته علائقو به هو، جنهن تي عرب گهرانو "هباري" حڪومت ڪندو آيو. ۱۰۵۰ع ۾ سومرن سنڌ تي قبضو ڪيو.

## سنڌ ۾ اسلام

سنڌ ۾ مسلمانن جي حڪومت قائم ٿيڻ سان، سنڌ ۾ اسلام جي تبليغ به شروع ٿي. هر شهر ۾ مسجدون ۽ مدرسا قائم ٿيا. چچ نامي ۾ آيو آهي، ته حجاج بن يوسف، محمد بن قاسم کي لکيو هو، ته ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏني وڃي ۽ جيڪو پنهنجي خوشيءَ سان اسلام قبول ڪري، ان کي مناسب تربيت ڏني وڃي. محمد بن قاسم انهن هدايتن تي پوريءَ طرح عمل ڪيو، جنهن ڪري جلدئي وڏي تعداد ۾ ماڻهو مسلمان ٿي ويا. محمد بن قاسم کان پوءِ ٻين عرب حاڪمن به اسلام جي تبليغ جي سلسلي ۾ چڱي ڪوشش ورتي. ڪڏهن ڪڏهن خليفي وقتن به سنڌ جي راجائن ۽ زميندارن ڏانهن تبليغي خط ايندا هئا، جن تي ڪيترائي ماڻهو مسلمان ٿيندا هئا. سن ۹۹هه (۷۲۷ع) ۾ حضرت عمر بن عبدالعزيز خليفو ٿيو، جنهن اسلام جي تبليغ جي سلسلي ۾ وڏي ڪوشش ورتي. ان سلسلي ۾ سنڌ جي راجائن ۽ ماڻهن ڏانهن

وزير نظام الملڪ محمد بن اسعد ڪي سنڌ جي ولايت سونپي، قباچہ کي زير ڪرڻ لاءِ موڪليو. قباچہ شڪست کاڌي ۽ ١٩ جمادي الاخر ٦٢٥هہ (١٢٢٨ع) تي چنچر رات سنڌو نديءَ ۾ ٻکر وٽ ٻڏي مئو. ان کان پوءِ نظام الملڪ والي رهيو. تاريخ معصوميءَ جي صاحب ڄاڻايو آهي تہ هن انتظام نهايت سهڻو رکيو. ماڻهن جي امن، سلامتي ۽ سک لاءِ وڏي ڪوشش ورتائين. سن ٦٣٣هہ (١٢٣٦ع) ۾ نورالدين محمد کي سنڌ جي سنڀال تي چڙهي پاڻ دهليءَ ڏانهن موٽي ويو. هن نہ فقط سنڌ جي مٿين حصي تي قبضو ڪيو، پر سنڌ جي هيٺين حصي جي حاڪم سومري کي بہ زير ڪيو. ان زماني ۾ سومرن جي حڪومت سڄيءَ سنڌ تي کانہ هئي. تمام شروع ۾ جڏهن هو سنڌ جي ڪنهن ٿوري حصي تي غالب هئا، جنهن جو ذڪر تفصيل سان تاريخن نہ ڪيو آهي، مسلمان حاڪمن جي اطاعت هيٺ هئا. تحفة الڪرام جو صاحب لکي ٿو(١).

"مخفي نہ رهي، تہ سومره قوم حقيقت ۾ ٻہ سؤ سال اڳي، سنڌ جي ڪجهہ حصي تي غالب هئي، پر جنهن صورت ۾ دل پريندا هئا ۽ مسلمان حاڪمن جي اطاعت جو ڳانو پنهنجي ڳچيءَ ۾ ٻڌيو ايندا هئا، تنهنڪري انهن جو ذڪر نہ ڪيو ويو آهي. سندن باقاعدي حڪومت سلطان محمود جي فرزند عبدالرشيد جي ڏينهن ۾ شروع ٿي. جيئن تہ عبدالرشيد سادو، ڪم عقل ۽ عياش هو، تنهنڪري سرحدن جا ماڻهو سرڪشي شروع ڪري فرمانبرداريءَ مان نڪري ويا. انهن ئي ڏينهن ۾ سومرا قوم جي ماڻهن ٿرڙيءَ ۾ لشڪر گڏ ڪري "سومري" نالي هڪ شخص کي گاديءَ تي ويهاريو (٢). ان مان ظاهر آهي تہ سومرا پهريائين غزنوي خاندان جا باجگذار هئا. انهن جي ڪمزور ٿيڻ کان پوءِ خودمختيار ٿي ويا. ان کان پوءِ هو ڪڏهن دهليءَ وارن جي ماتحت رهندا آيا، پر ڪڏهن ڪڏهن وچ ۾ بغاوت ڪري خودمختيار ٿي ٿي ويا. هندستان جي تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿيندو تہ پنجين صديءَ ۾ غوري گهراڻي جو تسلط نظر اچي ٿو. ڇهين صديءَ ۾ ناصرالدين قباچہ اچ کي گاديءَ جو هنڌ بنائي سنڌ تي راڄ ڪرڻ لڳو. طبقات ناصريءَ وارو لکي ٿو تہ قباچہ جي مرڻ کان پوءِ سنڌ، سمنڊ جي ڪناري تائين فتح ٿي ۽ ديول ۽ سنڌ جو والي ملڪ سنان الدين چنيسر، التمش جي تابع ٿيو (٣).

هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سومرن جي حڪومت سنڌ جي هيٺين حصي تي هئي، سيوهڻ تي انهن جي حڪومت ڪانہ هئي.

---

(١) تحفة الڪرام، ج ٣، ص ٢٧.

(٢) تاريخ معصومي، ص ٦٠؛ تحفة الڪرام، ص ١٣٥. تحفة الڪرام سومرن جي گاديءَ تي ويهڻ جو سن ٤٤٥هہ ڏنو آهي. عجائب الاسرار (اردو ترجمو) ص ١٤، سندن تخت نشينيءَ جو سن ١٠٥١ع ڏنو آهي.

(٣) طبقات ناصري، ص ١٢٣.

التمش ٢٦- شعبان، سن ٦٣٣هه، سومر ڏينهن وفات ڪئي. ٦٣٩ ھ ۾ جڏهن سنڌ پنهنجو سلطان مسعود شاهه ابن رڪن‌الدين فيروز شاهه تخت تي ويٺو، تڏهن هن نورالدين محمود کي موقوف ڪري، ملڪ جلال‌الدين حسن کي سيوهڻ جو گورنر بنايو. ڪجهه وقت کان پوءِ سومرن پنهنجي طاقت کي وڌايو ۽ اچ تائين حڪومت جون حدون وڌائي ڇڏيائون.

## علمي ۽ تهذيبي پس منظر

ناصرالدين قباچه علم دوست هو. عالمن جي قدرداني ۽ همت‌افزائي ڪندو هو. سنڌ ڏينهن ۾ اچ علمي مرڪز هو. هن اچ ۾ هڪ وڏو مدرسو ”دارالعلوم فيروزي“ نالي سان قائم ڪيو هو. طبقات ناصريءَ جو مؤلف قاضي منهاج سراج جمادي‌الاول ٦٢٤هه (١٢٢٧ع) ۾ اچ ۾ آيو. ڇهن مهينن‌ کان پوءِ ڪيس مدرسي ”دارالعلوم فيروزي“ جو سربراهه مقرر ڪيو ويو. قباچه ملتان ۾ به هڪ مدرسو قائم ڪيو، جيڪو قاضي قطب‌الدين ڪاشانيءَ جي حوالي ڪيائين. ڪاشاني جڏهن دهليءَ پهتو، ته سلطان شمس‌الدين التمش به ڪيس وڏي عزت ڏني.

قباچه جو وزير عين‌الملڪ به عالمن ۽ فاضلن جي عزت ڪندو هو. سديدالدين عوفي، ”تذڪرة لباب الالباب“ نالي ڪتاب سنڌ سرپرستيءَ ۾ لکيو، جنهن ۾ هن سنڌ قدردانيءَ جي تعريف ڪئي آهي. عوفي ٻيو ڪتاب ”جامع الحڪايات والوامع الروايات“ قباچه جي چوڻ مطابق لکڻ شروع ڪيو، پر ڪتاب جي پوري ٿيڻ کان اڳ ئي قباچه مري ويو. انهن ڏينهن ۾ اروڙ، بکر، سيوهڻ، نيرون ڪوٽ ۽ منصوره به علم جا مرڪز هئا. انهن ۾ ڪيترائي مدرسا هئا، جتي ديني تعليم ڏني ٿي وئي. نه فقط ايترو پر دين جي تبليغ جو ڪم به هلي رهيو هو. برصغير پاڪ و هند جو سڀ کان پهريون تاريخي ڪتاب ”فتحنامہ سنڌ“ عرف ”چچ نامہ“ اروڙ جي هڪ عالم عربي زبان ۾ لکيو هو. قباچه جي ڏينهن ۾ محمد بن علي بن حامد ڪوفي اروڙ مان ”چچ نامہ“ جو اصل عربي نسخو هٿ ڪري ان کي پارسي زبان ۾ ترجمو ڪيو. ان کان سواءِ هڪ ٻئي ڪتاب جو ترجمو به ٿيو. عوفي جي لکڻ مطابق فارسي شاعرن جو سڀ کان پهريون تذڪرو به سنڌ ۾ مرتب ٿيو، جنهن کي ”ديوان“ سڏيو ويو. ان زماني جي پارسي شاعريءَ جا نمونا ”لباب الالباب“ ۾ ملن ٿا. عوفيءَ جو هڪ قصيدو به ملي ٿو، جيڪو هن بکر جي قلعي جي فتح بابت لکيو هو. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته سومرن جي ڏينهن ۾ عربيءَ سان گڏ پارسي به رائج ٿي. بشاري مقدسي لکي ٿو: ”ملتان ۾ گهڻو ڪري عرب آهن. فارسي زبان عام سمجهي ويندي آهي.“(١)

---

(١) بشاري مقدسي: ”احسن‌التقاسيم في معرفه الاقاليم“ بحوالہ: ”هندستان عربون کي نظر ۾“ جلد اول، ص ٣٨٩، ٣٩٠.

اسلامي تعليم ڀرائي هوندي. اروڙ جي ويرانيءَ ۽ دلوراءِ جي لڏڻ واري زماني جو خيال رکجي ٿو، ته اهو به هن سن سان مناسبت رکي ٿو. تنهن کان سواءِ ان مهر مان اهو به معلوم ٿي ٿو ته ”امرائي“ شيخ چٽي جو لقب نه پر نسب هو. يعني ڪنهن ڏاڏي جي نالي پٺيان سڏبو هو، جيئن اڳ ۾ به ڏيکاريو ويو آهي.

چٽي امرائي جو مقبرو، سيوهڻ جي نواب ديندارخان ۱۰۴۲ هه ۾ تعمير ڪرايو. سيد ديندارخان بخاري (وفات ۱۰۴۵ هه) شاهجهان جي ڏينهن ۾ سيوهڻ جو نواب هو. هن قلندر شهباز جي روضي ۾ به تعميراتي ڪم ڪرايو هو. چٽي امرائيءَ جو روضو مرمت طلب آهي. صحن سبز ڪاشي جي سرن جو آهي ۽ ديوارن تي به ڪاشيءَ جو ڪم ٿيل آهي. اتر پاسي مسجد نما ٺلهو آهي، ان جي اولهه واريءَ ديوار تي هيٺيون ڪتبو لکل آهي:

بدور شهنشاه شاهجهان ـ خديوي خردمند صاحبقران
چون خلد برين روضه شاه چهٽ ـ بنا کرد نواب ديندارخان
سال بنايش طلب داشتند ـ بهشت بروءِ ـ زمين گفت عثمان

۱۰۴۲ هه



جيڪو (شهر) عباسي دور حڪومت ۾ عراق جو دارالحڪومت هو ۽ جيڪو سن ٨٣٨ ۽ ٨٨٣ عيسويءَ جي دوران وڌيو ۽ وسيو هو. ڀنڀور مان مليل انهيءَ پيالي جي ٺڪر جو لاڳاپو عباسي حڪومت جي پوئين دور سان آهي.

اهي سڀ ديده زيب ۽ نازڪ شيشي جي سامان جا نمونا، جيڪي پاڪستان جي آڳاٽي اسلامي دور سان تعلق رکن ٿا، ڀنڀور ميوزم ۾ موجود آهن. وڏيڪ کوٽائي جيڪا عرب راڄڌاني منصوره (لڳ شهدادپور) ۾ ڪئي ٿي وئي، ان جي نتيجي ۾ شيشه گريءَ جي صنعت جي باري ۾ وڌيڪ ثابتيون ملي رهيون آهن. منصوره ۾ هڪ سائيٽ ميوزيم قائم ڪيو پيو وڃي، جتي سنڌ جي اسلامي تاريخ سان لاڳاپيل ثقافتي يادگار شيون رکيون وينديون.

اهو اخذ ڪيو ٿو وڃي ته سليڪا (Silica) جا ذخيرا، جيڪي شيشي ٺاهڻ ۾ ڪتب ايندا آهن، اهي ڀنڀور جي هنرمندن کي وافر مقدار ۾ ميسر هئا. اسان جي ئي دور ۾ حيدرآباد جو شهر، جيڪو ڀنڀور کان ٥٧ ميل پري اتر طرف آهي، شيشي جي صنعت جي اهم مرڪز طور اڀريو آهي. ٻارهن سو سال اڳ ڀنڀور شيشي جي وڏندڙ صنعت جو مرڪز هيو ۽ هاڻي حيدرآباد جو شيشي جي صنعت ۾ ناماچار ڪيڏن صدين پراڻي سنڌ جي شيشي جي صنعت جي روايت جو تسلسل آهي. (ترجمو: فضل احمد ٻچاڻي)



# تحقيق جو فن

قريشي حامد علي خانائي

خداوند تعاليٰ انسان کي جيئن هن دنيا ۾ پيدا ڪيو آهي، تيئن هن ۾ تلاش ۽ جستجو جو جذبو پڻ پيدا ڪيو آهي. انسان پنهنجي روزمره جي زندگيءَ جي ڪاروبار ۾ جيڪي ڪجهه رونما ٿيندڙ حقيقتون ۽ وارداتون ڏسي ۽ ٻڌي ٿو، تن جي اصليت معلوم ڪرڻ جي لاءِ هن ۾ تجسس ۽ تلاش جو جذبو ۽ شوق پيدا ٿئي ٿو، ۽ هو انهن جي تهه تائين پهچڻ جي تمام وڏي ڪوشش ڪري ٿو. ابتدائي دؤر ۾ انسان جي دنيا بلڪل محدود هئي. هن کي ايترا آسان ذريعا ۽ وسيع وسيلا ميسر ڪونه هئا، جن جي ڪري هو انهن واقعن، حادثن ۽ حقيقتن جي اصليت تائين رسائي حاصل ڪري سگهي. پر انهن محدود ذريعن جي باوجود، هو انهن ڳالهين جي متعلق معلومات حاصل ڪرڻ جي سعي ۽ ڪوشش ۾ رُڌل رهندو هو.

دراصل اها انسان جي هميشه کان وٺي فطري خواهش ۽ ڪوشش پئي رهي آهي، ته هُو پنهنجي ماحول ۽ حالتن کان متاثر ٿئي، اهو معلوم ڪرڻ گهرندو آهي ته اهي وارداتون ۽ حقيقتون ڇو رونما ٿين ٿيون؟ انهن جا آخرڪار ڪهڙا نتيجا نڪرن ٿا، جن جي اثرن کان انساني سماج ۽ معاشرو متاثر ٿئي ٿو. انسان ۾ انهيءَ نموني جا عجيب ۽ غريب سوال عمر جي لحاظ کان پيدا ٿيندا ۽ وڌندا رهن ٿا، ۽ انهيءَ سان گڏ هُن ۾ تلاش ۽ جستجو جو مادو پڻ وڌندو رهي ٿو، ڇاڪاڻ ته اها ڳالهه به انساني فطرت جي تقاضا موجب هوندي آهي. ان کان سواءِ هو ان لاءِ به غور ۽ فڪر ڪندو رهي ٿو ته هن سموريءَ ڪائنات جو راز ڇا آهي؟ هيءُ هيڏو سارو نڪسات ڇاجي لاءِ مُتنديو ويو آهي؟ انهن خيالن ۽ ويچارن ڪندي، انسان جي زندگيءَ جي ارتقا سان گڏوگڏ جدوجهد ۽ محنت جو جذبو پڻ پيدا ٿيندو رهندو آهي. اهڙيءَ طرح سان انسان هن وسيع ڪائنات جي مڙني اسرارن، رازن ۽ رمزن کان واقف ٿيڻ لاءِ انهن جي تهن تائين پهچڻ جي سخت محنت ۽ جدوجهد ڪندو آهي. تاريخ ان ڳالهه جي شاهد آهي ته انسان انهن حقيقتن جي رازن تائين رسائي حاصل ڪرڻ ۾ وڏيون تڪليفون ۽ مشڪلاتون برداشت ڪيون آهن. انهيءَ ڏس ۾ ڪيترائي طريقا ۽ ذريعا استعمال ڪندي، هن پنهنجيون قيمتي حياتيون به قربان ڪيون آهن.

اڳئين زماني ۾ انسان کي هن موجوده جديد دؤر جي ”تحقيق“ ڪرڻ جا ذريعا ۽ وسيلا ڪونه هئا، ۽ هُن لاءِ هيءَ دنيا بلڪل ننڍڙي هئي. ان قديم دؤر ۾ جيڪڏهن ڪو

قائم هجي. خوف ۽ ڊپ جو عنصر سندن وچ ۾ حائل هجڻ نہ گهرجي. ساڳي وقت اهو بہ لازمي آهي تہ رهنمائي ڪندڙ هڪ وڏو عالم ۽ وسيع معلومات رکندڙ هجي. نگران جو تحقيق تي وڏو اثر پوي ٿو. رهنما ۽ محقق جي باهمي بحث مباحثي جي ذريعي تحقيق جي ڏس ۾ هڪ اهڙي نئين شيءِ پيدا ٿئي ٿي، جا پنهنجي جاءِ تي مڪمل ۽ جامع هوندي آهي. انهيءَ ڪري موضوع جي انتخاب سان گڏ گائيڊ يا رهبر جي صحيح چونڊ بہ تحقيقي عمل جو هڪ اعليٰ معيار آهي.

## محقق جون صلاحيتون ۽ لياقتون

تحقيق جو ڪم نهايت ئي مشڪل ۽ ڏکيو ڪم آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هڪ محقق ۾ ڪن خاص صلاحيتن ۽ لياقتن جو هجڻ تمام ضروري آهي. هڪ قابل محقق ۾ هيٺين صلاحيتن ۽ لياقتن جو هجڻ لازمي آهي.

(الف) طرز املا ۽ خط جي ڄاڻ:

محقق جي اڳيان جيڪي بہ قديم خواهہ جديد ماخذ اچن ٿا، اهي گهڻو ڪري عربي ۽ فارسي ۽ ٻين ٻولين ۾ هوندا آهن. اسان جي سنڌي زبان، ادب ۽ تاريخ جو مسئلو ٻين زبانن جي پيٽ ۾ مختلف نوعيت وارو آهي. قديم دور ۾ عربي ۽ فارسي ۽ ٻين ٻولين جو سنڌ ۾ رواج گهڻو هو. علم ۽ ادب ۽ درس و تدريس جو سلسلو پڻ انهن ٻولين ۾ هوندو هو. انهيءَ لاءِ محقق کي انهن ٻولين تي پورو عبور حاصل هجڻ گهرجي.

علم ۽ ادب جي تحقيق جو مسئلو پڻ هڪ وڏو نازڪ ۽ اهم مسئلو هوندو آهي. ان جي صنفن تي تحقيق ڪرڻ وارو محقق نہ صرف نفس مضمون ۽ افڪارن جي صحيح تحقيق ۽ تصديق ڪندو آهي، بلڪ ان جي استعمال ڪيل زبان، صرف و نحو، محاورا، اصطلاح، ڪنايا، استعارا ۽ تشبيهون وغيره جهڙين نازڪ ۽ نفيس ادبي ڳالهين جو پڻ تحقيقي انداز ۾ تجزيو ڪندو آهي. ساڳي وقت هن کي اهو بہ ڏسڻو پوندو آهي تہ اصل مصنف جيڪا زبان ڪم آندي آهي، سا ڪهڙي نموني جي مروج زبان هئي ۽ اها هن وقت ڪتابن ۾ استعمال ۾ اچي ٿي يا متروڪ ٿي چڪي آهي. محقق کي خط جي قدامت ۽ نموني مان انهيءَ متن ڳالهہ جي اندازي لڳائڻ جي صلاحيت ۽ لياقت هجڻ گهرجي. مثال طور حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح يا سنڌ جي ٻين ڪلاسيڪي شاعرن جيڪا سنڌي زبان پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندي آهي، محقق کي ان جي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي لياقت هجڻ گهرجي. ڪنهن بہ ڪتاب جي اصل متن کي غلط نموني ۾ پڙهڻ سان مستقبل جي ادب لاءِ نقصان ڪار آهي. ان جو سنڌي ادب ۾ بهترين مثال ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جو مرتب ڪيل "شاهہ جو رسالو" آهي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي مرتب ڪيل رسالي ۾ شاهہ صاحب جي سنڌي بيتن جي جيڪا صحيح پڙهڻي قائم ڪئي آهي، اهائي ساڳي پڙهڻي ڪانئس پوءِ جي اڪثر سڀني عالمن قائم رکي آهي.

## حوالا ۽ واڌارا

(١) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ“، ڇاپو ٻيو، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد سنڌ، ١٩٨٠ع، ص ١٤٧.

(٢) اعجازالحق قدوسي: ”تاريخ سنڌ“ (اردو)، حصه اول، مرڪزي اردو بورڊ لاهور، ١٩٧٦ع، ص ٣٥٢.

اهو چئي نٿو سگهجي ته سمن جي دور ۾ ملتان وارو ٻرڳلو خود سنڌ جي علائقي ۾ هئو يا نه. مغلن جي دور ۾ ملتان ۽ سنڌ هڪ ئي صوبو سمجهيو ويندو هو، انهيءَ ڪري ٺٽي کان وٺي ملتان تائين علائقو سنڌ جي مغل گورنر جي هٿ هيٺ هو.

(٣) ”ساوڙي“ واري علائقي کي هن وقت ”سن ساوڙي“ سڏيو وڃي ٿو.

(٤) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ“، ص ١٤٧

(٥) ايضاً، ص ١٤٧

(٦) ڊاڪٽر غلام علي الانا: ”سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو سنڌ، ١٩٧٩ع، ص ١٩. بحواله ڊاڪٽر گربخشاڻي ”روح رهاڻ“، ص ٨٧.

(٧) ايضاً، ص ٢٠.

(٨) مير محمد بن سيد جلال ٺٽوي: ”ترخان نامه“، بتصحيح و حواشي سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ١٩٦٣ع، ص ١٢.

(٩) مير محمد معصوم ٻکري: ”تاريخ معصومي“، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ١٩٥٣ع، ص ١٨٤.

(١٠) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ“، ص ١٥٠

(١١) مير علي شير ”قانع“ ٺٽوي: ”مڪلي نامه“، بتصحيح و حواشي سيد حسام الدين راشدي سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ١٩٦٧ع، ص ١١٩.

(١٢) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ“، ص ١٥٠

(١٣) مير علي شير ”قانع“ ٺٽوي: ”مڪلي نامه“، ص ١١٩.

(١٤) ايضاً، ص ١٢١.

(١٥) ڊاڪٽر غلام علي الانا: ”سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي“، ص ٥٥-٥٦.

(١٦) ايضاً، ص ٥٦.

(١٧) ايضاً، ص ٦٠ کان ٦٥.

(٤٦) مولائي شيدائيءَ جو قول آهي تہ ڄام نظام الدين روزانو گهوڙن جي ڪُڙهہ ۾ وڃي سندن پيشانيءَ تي هٿ گهمائي چوندو هو تہ "سدورا ٻارا! منهنجي مرضي نہ آهي، تہ آءٌ توهان تي سوار ٿي ٻين ماڻهن سان وڙهان." الخ (ڏسو "تاريخ تمدن سنڌ" ص ٣٦٨) سنڌ جي حڪمرانن جي عدم جارحيت جو هيءُ بهترين مثال آهي.

(٤٧) ناصر، ا. س: مضمون ايضاً، ص ٣٠.

(٤٨) قريشي حامد علي خاناڻي: مضمون ايضاً، ص ٣٧ کان ٤١.

(٤٩) سنڌ جي درٻار سان وابستہ جيڪي عالم ۽ مشائخ مهدوي دائري ۾ داخل ٿيا، انهن ۾ صدرالدين مفتي، سيد ڪمال الله، سيد محمد يوسف رضوي، قاضي قادن، شيخ محمد آچي، پيرآسات، ميان ابوبڪر ٻکري، شيخ جهنڊو پاٽڻي، شيخ الياس نگراج ۽ ميان ابوبڪر جتوئي مشهور آهن. بحوالہ قريشي حامد علي خاناڻي، "سنڌ ۾ مهدوي تحريڪ" (مقالو) ٽماهي "مهراڻ" حيدرآباد سنڌ، نمبر ١، سال ١٩٧١ع، ص ١٧١ کان ١٧٩.

(٥٠) مولائي شيدائي: "تاريخ تمدن سنڌ"، ص ٣٧١.



(I)




"سيوھڻ مان لڌل قديم سڪا"

(II)




"سيوهڻ مان لڌل قديم سڪا"

(٤) مولوي نورمحمد نظاماڻي: سنڌ جي تاريخ، ڀاڱو ٻيون، تدبير سنڌ (سنڌي) سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد، ١٩٣٢ع.

(٥) مولوي نورمحمد نظاماڻي: تاريخ سنڌ، ڀاڱو پهريون (سنڌي) انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، ١٩٨٣ع.

(٦) عبدالغني عبدالله: تاريخ سنڌ، ڀاڱو ٽيون، سومرا ۽ سما (سنڌي) سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد، ١٩٣٩ع.

(٧) مولانا سيد ابوظفر ندوي: تاريخ سنڌ (اردو) مطبع معارف، اعظم ڳڙهه، ١٩٤٧ع.

(٨) مولانا قاضي اطهر مبارڪپوري: هندستان مين عربون ڪي حڪومتين (اردو) مڪتبهٔ عارفين، ڪراچي، ١٩٦٥ع.

(٩) اعجازالحق قدوسي: تاريخ سنڌهه (اردو) مرڪزي اردو بورڊ لاهور، ١٩٧٦ع.

(10) Edwards Thomas: The Chronicles of Pathan Kings of Delhi, Trubner and Co, London, 1871.

(11) Stanley Lane Pole: The Coins of Sultans of Delhi in the British Museum. The Trustees, London, 1884.

(12) H. Nelson Wright: The Coinage and Metrology of the Sultans of Delhi, Manager of publications Delhi. 1936.

(13) H.T. Lambrick: Sind, before the Muslim Conquest. Sindhi Adabi Board Hyderabad, 1973.

(14) M.H. Panhwar: Chronological Dictionary of Sind, Institute of Sindhology, University of Sind, 1983.

(مٿين ڪتابن کان سواءِ محترم جمال ميراڻي صاحب جي گڏ ڪيل سڪن ۽ پنهنجي ذاتي گڏ ڪيل سڪن جي مشاهدي مان پڻ هن مضمون لاءِ مدد ورتي ويئي آهي.)

# کهاڻيون

"ادب جا جيترا بہ شعبا آهن، تن ۾ 'ڪهاڻي' سڀ ڪان زياده زندگيءَ جي عميق رازن جي نقاب ڪشائي ڪري ٿي؛ سڀ ڪان وڌيڪ معاشري جي تهذيب ۽ تمدن جي رفتار کي تيز ڪري ٿي؛ سڀ ڪان زياده انسانيت جي سچي تصوير ڪڍي ٿي—جو تہ ڪهاڻيءَ جي خاڪي ۾ هر طرح جي نقش نگاريءَ کي اُٿي ۽ سموهي سگهجي ٿو. داخليت ۽ خارجيت جي آميزش، زمان ۽ مڪان جوڀرپور احساس، انساني فطرت جي مختلف عنصرن جي تشريح، انساني زندگيءَ جي مقصدن ۽ مرادن جي وضاحت، ڪهاڻيءَ کان وڌيڪ ڪٿي بہ نہ ملندي. اهوئي سبب آهي، جو 'ڪهاڻي' ۾ هر دور جي زندگيءَ ۽ طرز معاشرت جو پورو پورو عڪس اڀري ۽ رچيو وڃي ٿو، جو نہ رڳو ادبيات، پر تاريخي قدرن ۽ تهذيبي معيارن جو اهم ترين جُزُ بڻجي وڃي ٿو."

—مولانا غلام محمد "گرامي"

# پهچ

تون ڪتابن مان هيٺين چند ڪتابن تي ايندڙ پرچي ۾ تبصرا / تعارف پيش ڪيا ويندا.

١. ڪليات حاجي خانڻ چنجڻي — ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

٢. الڪيمي آف هئپينيس (انگريزي) — امام غزالي، ترجمو : مرزا قليچ بيگ

٣. وات ويندي — علي احمد بروهي

٤. تن سيون سوجهي ڪيڻون، پاتارن پيهي — ڊاڪٽر سنتداس جهانگياڻي

٥. سنڌي ادب (ڇماهي) — انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي

٦. سنڌ الاجيڪل اسٽڊيز — انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي

٧. مڪليءَ کان ملاڪا تائين — الطاف شيخ

٨. ڪرڻا ڪرڻا — مقصود گل

٩. راز و نياز — مير محمد خان نياز ٽالپر

١٠. شاھ لطيف جا لاڙ تان پيرا — محمد سومار شيخ

١١. چنڊ چنبيليءَ ول — شيخ اياز

١٢. ڪهاڻيءَ جو قافلو — لجو عباسي

١٣. حاميءَ جو ڪلام — مرتب : محمد علي ساد

١٤. ملاقات — مخدوم جميل الزمان جميل

١٥. ترقي پسند ادب جا معيار — خاڪي جويو




## سنڌي ڇپائيءَ جي تاريخ ۾ هڪ منفرد نئون قدم

(سنڌي ادبي بورڊ، پنهنجن ڪتابن ۽ رسالن لاءِ، ڪمپيوٽر وسيلي ڦوٽو ٽائپ سيٽنگ يعني سنڌي ٻوليءَ جي ڪمپوزنگ جو انتظام (Phototype Setting system for Sindhi Composing) ڪرايو آهي. هن جديد تيز رفتار نظام وسيلي ڪمپوزنگ جي ڪم ۾ ڪيتريون آسانيون پيدا ٿينديون.)